ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

# غلام حيدر گولڙو دم درازي ديد

## (فقير غلام حيدر گودڙيي جي ڪلام جو جائزو)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ ۾ جتي ٻين ڪيترين ئي درگاهن ۽ بزرگن جي سڃاڻپ موجود آهي اتي درگاهه درازي ۽ سچل سرمست جي حيثيت پڻ تسليم آهي. هو پنهنجي دور جو هڪ بلند مرتبہ ۽ اعليٰ خيال رکندڙ صوفي شاعر هو. سچل سائينءَ جهڙي ريت خواجہ فريد الدين عطار، شيخ احمد جام، نعمت ولي الله، شمس تبريز، ڪبير، باهو، بلهي شاهه ۽ شاهه عبداللطيف کان فڪري اثر ورتو، اهڙيءَ ريت هن پنهنجن ڪيترن ئي عقيدتمندن ۽ طالبن تي پنهنجو فڪري اثر پڻ ڇڏيو. گهرام فقير، فقير صالح قادري، صالح فاروقي، سيد خير شاهه، فقير محمد صلاح، شير خان پنيرو، پيرو شاهه ۽ نانڪ يوسف، سچل سائينءَ جي رندي رنگ ۾ اهڙا نہ رنگيا جو ڄڻ سچل سرمست جا عڪس بڻجي ويا. ان ڏس ۾ ڏسجي ٿو تہ سرمست سائينءَ جو اهو فڪري اثر پنهنجن طالبن کان ڪجهه اڳتي بہ وڌي ويو آهي. فقير غلام حيدر شر ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي. جيتوڻيڪ فقير غلام حيدر، سچل سائينءَ جي طالب نانڪ يوسف جو مريد هو، پر هو سرمست سائينءَ جو پڻ وڏو عقيدت مند هو. هنن صفحن ۾ اسان فقير غلام حيدر شر جي ڪلام جو مختصر اڀياس ڪنداسين. (هن گفتگو دوران اسان ”فقير غلام حيدر گودڙيي جو رسالو“ مرتب: الطاف اثيم سچل چيئر، 2006ع سامهون رکيو آهي.)

اڳڙن ۾ وحدت ۽ عشق جي دونهي دکائي ويٺل نانڪ يوسف جي صحبت ۾ رنگيل فقير غلام حيدر گودڙيو سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسيءَ جو بهترين شاعر آهي. هن جي ڪلام تي وحدت الوجود جي فلسفي جو گهڻو اثر غالب آهي. هن وٽ حسن و عشق، وحدت، حيرت، فنا ۽ بقا جا مضمون آهن، جن کي هو خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ هن تات ۽ طلب جي وائي آلاپيندي، پنهنجي مرشد نانڪ يوسف ۽ سچل سرمست سان پنهنجي گهري عقيدت جو اظهار پڻ ڪيو آهي.

سچل سرمست سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو هڪ معتبر نالو آهي. سرمست سائينءَ وٽ پنهنجي خيال جي اظهار جو نرالو انداز آهي، هو بنا ڪنهن ڊپ جي لاحد جون رمزون وڏي واڪي سالڪ کي سمجهائي ٿو. فقير غلام حيدر، سچل

سرمست جي انهيءَ عظمت جو وڏو قائل آهي.

انت ڪنهن ۾ نه آئيو درازي جو دنگ.

فقير غلام حيدر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترين ئي جاين تي درازيءَ بادشاهه جو عقيدت ۽ سڪ مان ذڪر ڪيو آهي. چئي ٿو:

- غلام حيدر گولڙو دم درازيءَ ديد.
(ص: 120)
- درازي درياهه جو وهي نينهن نيانڻ،
چڏي هڏي جي هوڏ ڪي تتي ڪي ناتانڻ.
(ص: 65)
- ديد درازيءَ شاهه ۾،
منهنجي سرتيون سنجهه صباح.
(ص: 77)
- سچل موٽ سڏن تي،
وٿيون نان وجهجن.
(ص: 82)

فقير غلام حيدر جتي سچل سائينءَ سان پنهنجي عقيدت بيان ڪئي آهي، اتي هن پنهنجي مرشد نانڪ يوسف سان پنهنجي محبت جو اظهار پڻ ڪيو آهي. جيتوڻيڪ سلوڪ جي راهه تي ڪيس نانڪ يوسف وٺي هليو پر هن ڪي رمزن واري راهه سچل سائينءَ ئي ڏسي. چئي ٿو:

- جيڏيون جاڳيو جيءَ ۾ مان صدقي ڪيان ساهه،
سرتيون سيباڻو ساهه ڪي سچو شاهنشاهه،
ڏسيو درازيءَ دم جو رمزن وارو راهه،
سونهون ٿيو ساٿيهه تي هميشه همراهه،
نانڪ ٻاريو نينهن جو اندر ۾ آڙاهه،
غلام حيدر گُر سان منهنجو اصل هو ارواح،
صدقي سارو ساهه مرشد جي هڪ مام تان.
(ص: 39)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فقير غلام حيدر جي ڪلام ۾ نانڪ يوسف سان محبت جا ٻيا بہ ڪيترائي مثال موجود آهن. هو چئي ٿو:

- نوري نانڪ شاهہ جو آهيان گولو گدائي.
  (ص: 43)
- نانڪ شاهي نور جو ٿيو چوڏس چمڪارو.
  (ص: 29)
- غلام حيدر مرشد مليو، صورت جا سامان لڳا.
  (ص: 88)

فقير غلام حيدر پنهنجي مرشد سان پنهنجي بي انتها محبت جو اظهار ڪندي سندس غلامي قبولڻ لاءِ بہ تيار آهي. هڪ جاءِ تي چئي ٿو:

- غلام حيدر مڄ تون غلامي، يار يوسف جي در تيءُ سلامي.
  (ص: 73)
- مليو مرشد اديون مون کي عطر محبت وساياسي
  (ص: 73)

فقير غلام حيدر، نانڪ يوسف جهڙي صوفي بزرگ جي صحبت ۾ رچي ريٽو ٿيو تہ سچل سائين جي نظر عنايت ڪيس اجا بہ وڌيڪ لال بڻائي ڇڏيو. هن وٽ جيڪو وحدانيت جو بيان آهي اهو انهن پنهي صوفي بزرگن جي بدولت ئي آهي. گودڙيي فقير پنهنجي ڪلام ۾ جتي وحدت جي وائي تنواري آهي اتي ئي حسن ۽ عشق جو مضمون بہ پيش ڪيو آهي. هن وٽ جماليات جا خوبصورت رنگ آهن.

سونهن جيڪا شاعريءَ جو بنيادي محرڪ آهي. اها صوفيءَ جي نظر ۾ سلوڪ جي راهہ جو پهريون ڏاڪو آهي. سالڪ جيستائين عاشق نٿو بڻجي تيستائين هو طلب جي واديءَ ۾ پير پائي نٿو سگهي. فقير غلام حيدر وٽ پنهنجي مرشد نانڪ يوسف ۽ ان جي ستگرو سچل سرمست وانگر حسن ۽ عشق جو بہ خوب بيان آهي. عشق جي اپٽار ڪندي فقير صاحب خوب چوي ٿو:

- محبت موج ۾ مردن جوش ۾جيءَ جلايا ها،
  آيا جي عشق جيءَ آتش پتنگن پڙ ملهايا ها،

جلائي جسم کي جوڙي ڏين سر گهور ۾ گهوري،
سڳو دل سوز مان سوري سُوريءَ تي سر سلايا ها،
نوبت جي نينهن جيءَ نيڙا چڙهي عاشق عرش ويڙا،
وڏائون لنو لنو اندر ليئڙا نزاڪت نينهن نايا ها.
(ص: 103)

عشق جي باهه ۾ جلندڙ عاشق جي سمورين تڪليفن جو دارومدار ان جي پرين جو هڪ درشن ئي آهي. پنهنجا درد ۽ تڪليفون محبوب جي ديدار سان گهٽ ٿيندي محسوس ڪري ٿو. فقير غلام حيدر به پنهنجي سهڻي کي هر پل سڏيندي پڪاري ٿو:

- تنهنجي حسن حملو ڪيڙو هل درد جو دور ٿيڙو،
غيرت جو ڪل غلبو ويڙو جيڪا عشق دل اجاري.
(ص: 59)

عاشق ته اهو ئي چئبو جيڪو پنهنجي محبوب جي هر ناز و ادا تي سر ساهه صدقي ڪري. ان جي هڪڙي گهور تي خود کي فنا ڪري، ڇاڪاڻ ته عشق جي تقاضا ئي اها آهي ته پاڻ کي مٽائي ڇڏجي، جانب جي جمال ۾ خود کي وڃائي ڇڏجي. سچل سائين چيو آهي:

”عشق لڳئي تا ڪر آمين، نا منجهه ڪفر نا منجهه دين،“
(1)

نانڪ يوسف پنهنجي اهڙي ڪيفيت جو اظهار ڪندي چئي ٿو:

”عشق ذاتي ڪيا هي يار، ڪيا ڪريندا ڪام پي،
آ جنهين ڪون گوش ڏيندا، پهلي ٿيندا هوش نيندا،
زهد تقويٰ ڇڏ وي يار، ڪٽ ڪفر اسلام پي.“
(2)

فقير بيدل سائين به ڪجهه اهڙو ئي بيان ڪيو آهي:

”عشاقا ندا نال مذاهب، آکه سنيان ڪيا لڳي لڳي،
مذهب دين دي باتين اوري، عاشق ويندي اڳي اڳي،
عُشاقان دي لنؤ لنؤ اندر، نوبت نينهن دي وڳي وڳي.“
(3)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

فقير غلام حيدر چئي ٿو:

- جـــــتــــــي بــــــره لايـــــا پــــــڙڪـــــا،
اتـــي ديـــن ڪــفـــر جـــا چـــلـــن نـــہ چـــارا.
(ص: 67)

- ڦـــيـــر عشـــق صـــلـــوات ســـبـــحـــانـــي،
ســـر ســـاهـــہ ڪـــريـــن قـــربـــانـــي،
مـــلـــت مـــذهـــب ديـــن ڪـــفـــر ڪـــون،
ســـٽ ســـئـــيـــر ڪـــريـــن ســـلـــطـــانـــي.
(ص: 66)

عشق اهڙي آتش آهي جيڪا خودبخود سيني ۾ پڙڪو ڏئي ٻري پوي ٿي ۽ عاشق کي پاڻ ۾ جلائي خاڪ ڪري ڇڏي ٿي. عشق جي اها باهہ ئي عاشق کي مجاز کان حقيقت وارو سفر طئہ ڪرائي ٿي. سالڪ کي جڏهن پنهنجي اندر ويٺل "حق" جي سڌ پوي ٿي تہ پوءِ کيس هر جاءِ پنهنجي حقيقي جانب جو جلوو ئي نظر اچي ٿو.

- سڀ ۾ صاف اللہ، ات نہ خالي ڏينهن ڪو. (ص: 85)
- اندر ٻاهر هو حق سارا تيڏا دين ڪفر سڀ دايا هي. (ص: 191)

وحدت تان ڪثرت جو بيان ڪندي چئي ٿو:

- آيو هت پاڻ سر پنهنجي، پهري خود خاڪ جو چولو. (ص:194)

سالڪ جڏهن پاڻ سڃاڻي وٺي ٿو تہ پوءِ ان ئي حالت ۾ سالڪ لاحد ۾ پهچيو وڃي ۽ ان لاحد جي مقام تان بي خودي، مستي ۽ بيقراري جي ڪيفيت ۾ بندو اناالحق جو نعرو هڻيو ويهي. حسين بن منصور حلاج کان سچل سرمست تائين سين صوفي شاعرن اها حجت ساري آهي. سچل سائين ور ور ڏيئي پنهنجي موج مستي ۽ بي خودي واري ڪيفيت جو اظهار ڪيو آهي:

" آشـــڪـــار ازخـــود بـــرفـــت، نـــعـــره انـــاالـــحـــق زده،
عـــلـــم مـــنـــصـــوري، بـــر آورد دريـــن ايـــوان مـــا. "
(4)

(آشڪار بي خود ٿي اناالحق جو نعرو هنيو ۽ منصوري علم مون کي ڇڪي انهيءَ مقام تي آندو آهي.)

" نـــعـــره انـــاالـــحـــق زنـــد خـــود را خـــود بشـــڪـــنـــد،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تهمتي برا و نهد من نيم و من نيم.“
(5)

(اناالحق جو نعرو پاڻ ئي هڻي ٿو ۽ پاڻ کي پاڻ ئي ٽوڙي ٿو پر الزام (منصور) ان کي ڏي ٿو. آئون نہ آهيان، آئون نہ آهيان.)

فقير غلام حيدر بہ درازي مکتب جي اثر هيٺ رهيو آهي. هو بہ سچل سائين وانگر ”اناالحق“ جو نعرو هڻي ٿو:

- اناالحق دا ناد وڄاون آتش وچ اناوٽا. (ص: 186)
- نغارا ”اناالحق“ ڪا بحر باران. (ص: 182)
- ميزنم نعره اناالحق پرده بشري بدران.
  قل هو الله احد الله عشق گويد باصفا. (ص: 215)

(آئون انسان جي پردي ۾ اناالحق جو نعرو هڻان ٿو، ڄاڻي وٺ عشق پوري سچائيءَ مان قل هو الله احد چئي ٿو)

- غلام حيدر بلگرازي قبائي عشق پوشيدم،
  زنم عنره اناالحق هو وصالي يار ما مستم. (ص: 216)

(غلام حيدر عشق جي قبا جي گلزاري ۾ لڪي ويو ۽ (آئون) يار جي وصال جي مستيءَ ۾ اناالحق جو نعرو هڻان ٿو)

فقير غلام حيدر تصوف جي انهيءَ تسلسل کان باخبر آهي جنهن جي هڪ ڪڙي سچل سرمست پڻ آهي. سچل سائين پنهنجي سنڌي ۽ فارسي ڪلام ۾ حسين بن منصور حلاج، خواجہ فريد الدين عطار، شمس تبريز، مولانا جلال الدين رومي، احمد جام زنده پيل، بستامي ۽ ٻين ڪيترن ئي اعليٰ فڪر رکندڙ صوفي شاعرن کي ياد ڪيو آهي. شر فقير پڻ پنهنجي هن ڪافيءَ ۾ هنن سمورن بزرگن کي ياد ڪري ٿو، جن عشق حقيقي جي نشي ۾ غلطان ٿي موج مستيءَ جي ڪيفيت ۾ اناالحق جي صدا بلند ڪئي. هو چئي ٿو:

پاڻ نہ پنهنجو ڀايوسي تڏهن اناالحق الايوسي،
مون منصور کي مست ڪرايو،
شيخ صنعان کي جٽيون ٻڌايو،
برهہ بلاول گهاٽي پيڙايو رمز انهي رنگ لايوسي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عشق عطار ٿي ڪيون اليلان،
شمس الحق تي شوق طفيلان،
بستامي سربره جون ڪيلان دردن دود دکايوسي.
(ص: 63)

فقير غلام حيدر پنهنجي ڪلام ۾ حسن و عشق ۽ وحدانيت جا مضمون بيان ڪيا آهن تہ اتي هن جي ڪلام ۾ سلاست، رواني ۽ رس چس پڻ موجود آهي. ڪٿي ڪٿي هن پنهنجي شعر ۾ اندروني قافيو پڻ استعمال ڪري اجان بہ هن ڪي وڌيڪ اثرائتو بڻائي ڇڏيو اٿس. هن هيٺين ڪافيءَ ۾ ٿلهہ ڪانسواءِ باقي سين سٽن ۾ فقير اندروني قافيو استعمال ڪيو آهي.

ڪوڙا ڇٽ لايون پڪ پڙهين نفل نمازان،
ٽڳا ٽوڙ ڏيئي گوڙ ڇڏي زهد ذڪواتان،
ليڪو لاہ سگ نہ ساهہ وٺين بره باراتان،
ڪنين سلام پري گام ڇڏي ڪوڙ ڪتابان،
منجهہ وجود ڪر سجود اندر رمز رڪعتان،
سپ سنسار وڃي تار سري سير صفاتان،
منجهہ ديدار گڏ گذار، اندر جي جيءُ جڳاتان،
وٺ خيال هر دم حال هادي حق حڪايتان.
غلام حيدر ڪر نظر لايون برهہ بساتان.
(ص: 94)

سندس ڪلام ۾ اندروني قافيي جا ڪجهہ ٻيا مثال بہ موجود آهن:

- يا شاهہ ڪر نگاهہ، علي شير خدا جا،
  ستي آهہ ڪري ڪاهہ، اچن نور نبي جا.
  (ص: 134)
- جسم چال، ڪر ڌمال، دونهان درد دکايا،
  نين ناز، دل نواز عقل سات لٽايا.
  (ص: 72)

فقير جي هن يڪي ڪافيءَ جي هر بند ۾ پڻ اندروني قافيو استعمال ٿيل آهي:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

- لـــتـــا قـــرض ويـــا مـــرض هـــادي حـــق جـــا ڳـــايـــو.

(ص: 98)

شاعريءَ ۾ سلاست ۽ رواني هڪ اهم جز سمجهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ ريت بيت ۾ هم آهنگي، تسلسل، رواني، شائستگي ۽ موسيقيت پيدا ڪرڻ لاءِ ”وراڻ“ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ٽيڪنيڪ جي لحاظ سان وراڻ جا ٽي قسم ٿين ٿا:

1. ”وراڻ جو پهريون نمونو اهو آهي ته لاڳيتا ڪجهه بيت ساڳين لفظن يا فقرن سان شروع ٿيندا آهن.“(6) مثال طور:

- ”پنهون ٽيس پاٽِهين وٺو سسئي جو شرم“.
- ”پنهون ٽيس پاٽِهين وٺو سسئي جو سينگار“.
- ”پنهون ٽيس پاٽِهين وٺي سسئي جي سونهه“

(شاهه) (7)

2. ”وراڻ جو ٻيو نمونو اهو آهي جنهن ۾ بيت جي آخري سٽ جو آخري پد ايندڙ بيت جي پهرين سٽ جو پهريون پد ٿي ويندو آهي.“(8) مثال طور:

- ”ساوا ٿيا سنگهار، مولا سندي مهر سان“. (آخري سٽ)
- ”مولا سندي مهر سان، ساوا ٿيا سنگهار“. (پهرين سٽ)

(سچل سرمست) (9)

3. ”وراڻ جو ٽيون نمونو اهو آهي جنهن ۾ بيتن جي پوئين سٽن جا آخري اڌ هڪجهڙا هجن.“(10) مثال طور:

- ”جي نه ڪرائين دانهن، ته ڪاريهر ڪيئن ڪونجي“.
- ”جي نه ورائي وير، ته ڪاريهر ڪيئن ڪوئجي“.
- جي نه چرائي چنگهه، ته ڪاريهر ڪيئن ڪونجي“.

(فقير قادر بخش بيدل) (11)

فقير غلام حيدر جي ڪلام ۾ اسان کي وراڻ جا پهريان ٻئي قسم ملن ٿا. سندس سرائڪي ڏوهيڙن ۾ وراڻ جو پهريون نمونو موجود آهي.

- ڏونهين جهان وسر ڳيوسي، جڏان دلبر لايان ديدان. (ص: 177)
- ڏونهين جهان وسر ڳيوسي، پي ڪر جام حياتي.(ص: 177)
- سڪ تسان ڏي سهٽا سائين، من وچ مچ مچيندي. (178)

- سڪ تسان ڏي سهڻا سائين، وڃن نينهن نغاري.(178)

فقير جي ڪيترن ئي سنڌي بيتن ۾ وراڻ جي ڀڻي نموني جا مثال موجود آهن.
هنن چئن بيتن ۾ وراڻ جي استعمال جو سهڻو مثال ملي ٿو.

- ڪاڪيون ڏس ڪکر ۾، چمڪو ٿيو چوڌار،
بادل برسي آئيا، ڪري مينگهه ملهار،
چوڏس جيئن چاندان ٿي، گل ڦل ٿيا گلزار،
صورت سهڻي يار جي، ڪري ڪير شمار،
غلام حيدر گوش ڪر، طلب تارينده تار،
درس ڏسي ديدار، عاشق پيا وجي اونهه ۾.

- عاشق پيا وجي اونهه ۾، جنهن ڪي ڪنڌي نه ڪا ڪر،
موج تهين مهراڻ جي، سدائين سپر،
وڃون وسڻ آئيون، ڪري ڪارونيار ڪکر،
وائي ملڪ وسائيو، ٿيا ساوا پٽ پٽر،
غلام حيدر غير ويو، چوليون لايو چر،
نبي جام نظر، ساوڪ ٿي ساٽيهه ٿي.

- ساوڪ ٿي ساٽيهه ٿي، گاهن ڪيا گلزار،
سرتيون سوز ڪڙو ٿيو، عين لکيا اظهار،
لنگهيا سي لطف سان، سيد جي ساڌار،
ڪيون بخشيشان بدڪار جون، هادي لک هزار،
غلام حيدر غيب ۾، جنهن تونهين چوري تار،
برائن جا بار، مرسل سيئي معاف ڪيا.

- مرسل سيئي معاف ڪيا، خطائون ۽ کوٽ،
انا احمد بلا ميمي، اديون ورتم اوٽ،
جهڙي اوٽ الله جي، تهڙي ڪن نه ڪوٽ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

غلام حيدر غير ڪي، چست چلائن چوٽ،
ڏئي ٻئي ڪي ٻوٽ، لنگهي پئر لقاءِ ۾.
(ص: 7-36)

”فقير غلام حيدر پنهنجي دور جو اهم شاعر آهي. هن بيت، ڪافي، مدح، مناجات، منقبت، مولود ۽ سہ حرفي ڪانسواءِ سنڌي ۾ غزل پڻ چيو آهي. جنهن دور ۾ فقير غلام حيدر سنڌي غزل چيو اهو سنڌي غزل جو ابتدائي دور هو. جيتوڻيڪ عروضي شاعريءَ جي ابتدا مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1682-1752ع) جي مؤزون مولود ۽ ٺٽي جي ڪن شاعرن نور محمد خستہ، مرزا تقي، حافظ عالي ۽ ميان چتن جي شاعري سان ٿي چڪي هئي. پر تنهن هوندي بہ سنڌي غزل پنهنجا ابتدائي ڏينهن گذاري رهيو هو. هن ئي دور ۾ هالا جي شاعر آخوند گل محمد گل هالائي (1784ع-1858ع) پهريون پيرو سنڌي الف ب جي ترتيب تي غزل جو ديوان جوڙيو. جيڪو هن صاحب پهريون پيرو ”ديوان گل“ جي عنوان سان حج تي ويندي بمبئي مان سنہ 1275ھ/1858ع ۾ ليٿو تي ڇپائي شايع ڪرايو.“(13) موضوع جي حوالي سان غزل جيتوڻيڪ عاشقانہ ۽ ناصحانہ ٿيندو آهي پر فقير غلام حيدر جي غزل جو موضوع مختلف آهي. ڪٿي هو حضور اڪرم ﷺ ۽ حضرت علي رضي الله عنه جو ذڪر آڻي ٿو تہ ڪٿي وحدت الوجود وارو فلسفو بيان ڪري ٿو تہ ڪٿي نينهن جي نشي جي سرڪي چڪي ٿو.

- دل جي واديءَ ۾ ڏسان ٿو مان تہ ناهيان آهي الله،
  يار آهي منهنجي نظر ۾ جنهن طرف ڪريان نگاهہ.
  (ص: 123)
- عرض ڪريان تنهنجي اڳيان ٿو يا نبي خير الوريٰ،
  مدد ڪر يا مصطفيٰ هر وقت ڪريان ٿو ڪُوڪرا.
  (ص: 115)

فقير غلام حيدر جتي مدح، مناجات، منقبت، مولود، ڪافي، بيت ۽ غزل چيا آهن اتي هن پنهنجي هڪ مناجات ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي چيل مدح ”يلا چام هن غلام، سندو سوال سڄ تون“ جي بلڪل قريب چئي آهي. هتي ٻنهي جا مثال پيش ڪجن ٿا.:

**ميان سرفراز ڪلهوڙو:**

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”بسم الله، لڳ الله، محمد شاهه، ڪر پناهه، پرين تون،
منجهه درگاهه، ڪيم آهه، مٿي راهه، رسين مون،
پلا چام، هن غلام، سندو سوال سڄ تون. “
(14)

**فقير غلام حيدر گودڙيو:**

يا شاهه ڪر نگاهه علي شير خدا جا،
ستي آه ڪري ڪاه اچن نور نبي جا.
(ص: 134)

فقير غلام حيدر درازي شاهه ۽ نانڪ يوسف جي صحبت مان رچي ريٽو ٿيل آهي. هن جي دور ۾ درازا ۽ ڪنبڙي اتر سنڌ ۾ تصوف جا انتهائي مضبوط ۽ اهم ۽ اهڙا مرڪز هئا جتي سدائين نينهن جي شراب سان حقيقت جي رمز پروڙڻ جو درس ڏنو ويندو هو. هنن ٻنهي مڪتبن جا درس وٺندڙ شاگرد پنهنجو اندر اجاري حق جي حقيقت تائين وڃي پهتا ۽ انهن مان ڪيترائي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جا پلوڙ شاعر پڻ پيدا ٿيا جن جو فڪر ۽ ڪلام اڄ به نه رڳو سنڌي ادب لاءِ وڏو اثاثو آهي پر هن دور جي سڪ، شانتي، امن ۽ انسانيت جي بهتري لاءِ پيغام پڻ آهي.

## حوالا


1. تنيو, گل محمد - ”سچل جو ڪلام“، 2005ع، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ص:202.
2. عباسي، تنوير - ”نانڪ يوسف جو ڪلام“، 1983ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص: 41.
3. موسوي، سيد عبدالحسين شاهه- ”ديوان بيدل“، 1991ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص:235.
4. درازي، علي اڪبر - ”ديوان آشڪار“ (جلد اول)، 1981ع، محڪمه اوقاف سنڌ، حيدرآباد، ص:37.
5. ساڳيو - ص: 206.
6. سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد - ”سچل جو سنيهو“، 1995ع، مهراڻ اڪيڊمي،




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شڪارپور، ص:83.

7. گربخشاڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند - "شاھ جو رسالو"، 1985ع، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي، ڀٽ شاھ/حيدرآباد، ص: 293.
8. سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد - "سچل جو سنيهو"، 1995ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص:84.
9. انصاري، عثمان علي - "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام"، 1982ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص: 303.
10. سنڌي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد - "سچل جو سنيهو"، 1995ع، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ص:84.
11. موسوي، سيد عبدالحسين شاھ- "ديوان بيدل"، 1991ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص:103.
12. بدوي، لطف الله - "تذڪره، سنڌ جي شعر و شاعري جي تاريخ" (جلد ٽيون)، 53-1952ع، آر ايچ احمد برادرس، حيدرآباد، ص: 4، 3، 412.
13. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد - "سنڌي ادب جو تنقيدي اڀياس"، 1996ع، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ص:263.
14. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش خان - "مداحون ۽ مناجاتون"، 1959ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ص: 11 .

Shah Abdul Latif Bhitai Chair